# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1986

# SINDH ACT NO.VII OF 1986

## مهراڻ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي يونيورسٽي (ترميم) ايڪٽ، 1986

## THE MEHRAN ENGINEERING AND TECHNOLOGY UNIVERSITY (AMENDMENT) ACT, 1986

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act IV of 1977

3. 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 15 جي ترميم

Amendment of section 15 of Sindh Act IV of 1977

4. 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 17 جي ترميم

Amendment of section 17 of Sindh Act IV of 1977

5. 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 26 جي ترميم

Amendment of section 26 of Sindh Act IV of 1977

6. 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV ۾ دفعه 28_A جو اضافو

Insertion of Section 28_A in Sindh Act IV of 1977

7. 1986 جي سنڌ آرڊيننس III جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance III of 1986

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1986

# SINDH ACT NO.VII OF 1986

## مهراڻ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي يونيورسٽي (ترميم) ايڪٽ، 1986

## THE MEHRAN ENGINEERING AND TECHNOLOGY UNIVERSITY (AMENDMENT) ACT, 1986

[26 نومبر 1986]

ايڪٽ جنهن ذريعي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت جوڙيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي (ترميم) ايڪٽ، 1986 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2. مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي

| | |
|---|---|
| ايڪٽ، 1977 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڇاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2، جي شق (1) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:<br><br>"(11) "پرو وائيس چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو پرو وائيس چانسيلر؛". | 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 2 جي ترميم<br>Amendment of section 2 of Sindh Act IV of 1977 |
| 3. ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 15 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (i) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:<br><br>"(i_a) پرو وائيس چانسيلر؛". | 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 15 جي ترميم<br>Amendment of section 15 of Sindh Act IV of 1977 |
| 4. ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 17 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (i) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:<br><br>"(i_a) پرو وائيس چانسيلر؛". | 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 17 جي ترميم<br>Amendment of section 17 of Sindh Act IV of 1977 |
| 5. ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 26 جي شق (i) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:<br><br>"(i_a) پرو وائيس چانسيلر؛". | 1977 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 26 جي ترميم<br>Amendment of section 26 of |

Sindh Act IV of 1977

1977 جي سنڌ ايڪٽ IV ۾ دفعہ 28_A جو اضافو
Insertion of Section 28_A in Sindh Act IV of 1977

6. جاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 28 ڪانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

("پرو وائيس چانسيلر) 28_A. (1) چانسيلر وائيس چانسيلر سان مشوري بعد مين ڪيمپس يا اضافي ڪيمپس لاءِ، جيڪڏهن ڪو هجي، هڪ پرو وائيس چانسيلر مقرر ڪري سگهي ٿو يا ٻنهي ڪيمپسز لاءِ گڏيل طور يا ڌار ڌار اهڙن شرطن ۽ ضابطن تي ۽ اهڙي عرصي لاءِ جيڪو هڪ وقت چار سالن کان وڌيڪ نہ هجي جيئن چانسيلر طئي ڪري مقرر ڪري سگهي ٿو.

(2) جتي هڪ پرو وائيس چانسيلر ذيلي دفعہ (1) تحت مقرر ڪيو وڃي ٿو اهو هن ايڪٽ سان ٽڪراءَ ۾ اچڻ کانسواءِ، وائيس چانسيلر جا اهڙا اختيار ۽ ڪم سرانجام ڏئي سگهي ٿو ۽ اهڙيا ٻيا اختيار ۽ ڪم، ڪيمپس جي سلسلي ۾ جنهن لاءِ کيس مقرر ڪيو ويو آهي، جيئن چانسيلر کيس ڪم سونپي.".

1986 جي سنڌ آرڊيننس III جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance III of 1986

7. مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1986 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ:_ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**